# قومون

۽

قومي آزاديءَ جي

# تحريڪ

افانا سيئيف

ا۔ش۔م

# قومون ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ


مصنف:

وافد سي گيف

مترجم:

ا - ش - م



ملھ ٣٠.٠٠ روپيه

دفعو:- ٻيو

سال :- ١٩٨٦

[illegible]

شڪارپور



پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# قومون ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ

جيئن ته اسين ڏسي چڪا آهيون ته طبقن جي جدوجهد، دشمن (مخالف) طبقن تي ٻڌل هڪ سماج جي اوسر ۽ واڌ ويجهه ۾ بنيادي عمل ڪندڙ شيءِ آهي. اسان جي دور ۾ طبقن جي جدوجهد کان سواءِ قومي آزاديءَ جي تحريڪ، انسان ذات جي اوسر ۾ تمام وڏي اهميت حاصل ڪري ورتي آهي. هاڻي اسين قومن ۽ قومي آزادي جي تحريڪ جي باري ۾ مارڪسي، ليننی نظريي جو جائزو وٺنداسين. اچو ته سڀ کان اڳي ڳالهه اهو ڏسون ته قومون ڇا ٿينديون آهن ۽ سندن شروعات ڪهڙي ريت ٿئي ٿي.

## ١- قوم ڇا آهي

هلندڙ دور جي سماج ۾ طبقن کان سواءِ انسانن جون قومي برادريون يعني ”قومون“ به موجود آهن. قومن، طبقن کان گهڻو وقت پوءِ شڪل ورتي. طبقن، غلاميءَ جي سماج جي ظاهر ٿيڻ دوران شڪل ورتي، جڏهن ته قومون، سرمائيداريءَ جي واڌاري جي پيداوار آهن.

تاريخ ۾ قومن کان اڳ انسانن جون ٻين قسم جون برادريون، جهڙوڪ ڪٽنب، قبيلا ۽ قوميتون موجود هيون. ڪٽنب، انسانن جو هڪ اهڙو گروهه ٿيندو آهي، جهڪ

مستقل ناهي هوندو.

اهوئي ڪارڻ آهي جو مارڪسي پارٽي، مظلوم قومن جي آزاديءَ واري جدوجهد جي حمايت ڪندي، محنت ڪش عوام کي هر قسم جي بورجوا قوم پرستيءَ جي اثر کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ڇاڪاڻ ته هيءَ قوم پرستي، پرولتاري بين الاقواميت پسنديءَ سان يعني ان آئيڊيالاجي سان ملندڙ ٺهڪندڙ ناهي جيڪا سڄي دنيا جي پورهيت عوام جي ايڪجهتي جو اعلان ڪري ٿي. مارڪسي پارٽي ڪنهن به سماجي تحريڪ ۾ طبقاتي جدوجهد جي فيصلي ڪندڙ ڪردار جو اظهار ڪري ۽ هيٺين ماڻهن جي مزدورن جي ٻڌيءَ جو نعرو اوچو ڪري، بورجوا قوم پرستيءَ جي آئيڊيالاجي جي خلاف جدوجهد ڪندي آهي. اهڙي طرح اها (پارٽي) محنت ڪش عوام جي ذهن ۾ پرولتاري بين الاقواميت پسنديءَ جي تصورن کي سگهارو بڻائيندي آهي.

## ٣- قومي آزاديءَ جي قومن جي تحريڪ جي اڀرائيءَ ۽ سامراج جي ٻيٺڪي سرشتي جي هار ۽ ذلت:-

ٻيٺڪي سرشتي جي شڪست ۽ باهراسان جي دور جي هڪ امتيازي خصوصيت: سامراجيت جي هٿان ٻيٺڪن ۽ محڪوم ملڪن جي وحشياڻي ۽ غير انساني استحصال، ٻيٺڪي ظلم جي خلاف ۽ خودمختياري ۽ قومي آزاديءَ جي حمايت ۾ جدوجهد کي جنم بخشيو. آڪٽوبر جي عظيم سوشلسٽ انقلاب، قومي آزاديءَ جي

سندن معاشي، سياسي ۽ نظرياتي اتحاد، انتهائي مضبوط ٿي
ويو. عالمي سوشلسٽ سرشتي جو اڀرڻ، قومن جي وسيع
۽ چاڙهل پيماني تي هڪٻئي جي ويجهو اچڻ واري واٽ تي
سوويت يونين جي تشڪيل کان پوءِ سڀ کان مکيه وک
آهي.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڏڻَ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوائ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)